۱۱ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ۱۱

اَٿ سَپتدشو ڌيايَهَ

اڌياءَ سورهين جي پڇاڙيءَ ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ صاف چيو ته ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ تياڳڻ تي ئي ڪرم جو آرنڀ ٿئي ٿو، جنهن کي مون وري وري چيو آهي. مقرر ڪرم کي بنا ڪرڻ جي نه سک، نه سِڌي ۽ نه پرم گتي ئي ملي ٿي. تنهنڪري هاڻي تنهنجي لاءِ ڪرتيويه ۽ اڪرتويه جي ويوستا ۾ ته ڇا ڪريان، ڇا نه ڪريان؟ ان سنبنڌ ۾ شاستر ئي ثبوت آهي. ڪو ٻيو شاستر نهَ؛ بلڪ ”اِتي گُهيَنَمِ شاسترمِدَم ا“ (۲۰-۱۵) گيتا پاڻ شاستر آهي. ٻيا به شاستر آهن؛ پر هتي هن گيتا شاستر تي درشٽي رکون، ٻيو نه ڳولهڻ لڳون. ٻي جڳهه ڳولهينداسين ته هيءَ ڪِرَمبڌتا ڪونه ملندي. تڏهن ته ڀٽڪي ويندا.

ان تي ارجن سوال ڪيو ته ڀڳوان! جيڪي ماڻهو شاستر وِڌيءَ کي تياڳي پورن شرڌا سان ملي ”يجَنِتي“ پوڄا ڪن ٿا، اُنهن جي گتي ڪهڙي آهي ساتوڪي آهي، راجسي يا تامسي آهي؟ ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ ارجن ٻڌو هو ته ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي آهيون، جيستائين گڻ وديمان آهي، ڪنهن نه ڪنهن جوڻ جو ئي ڪارڻ ٿين ٿا. ان ڪري ڏنل اڌياءَ جي شروعات ۾ ئي اُن سوال رکيو:-

अर्जुन उवाच

ये शास्त्रविधिमुत्सृज्य यजन्ते श्रद्धयान्विताः।
तेषां निष्ठा तु का कृष्ण सत्त्वमाहो रजस्तमः ।।१।।

ارجن اُواچ

”يي شاستر وِڌيمُتسِر جيہ يَجنتي شِرڌيانِوَ تاهہ
تيشام نِشٺا تُوَ ڪا ڪرشڻ سَتوَماهو رَجِستمَهہ “ (۱)

هي ڪرشڻ! جو منش شاستر وڌيءَ کي ڇڏي شرڌا سان پوڄا ڪن ٿا، اُنهن جي گتي ڪهڙي آهي؟

ساتوڪي آهي، راجسي آهي يا تامسي آهي؟ پوڄا ۾ ديوتا يڪش، ڀوت وغيره سڀ اچي ٿا وڃن.

श्रीभगवानुवाच

त्रिविधा भवति श्रद्धा देहिनां सा स्वभावजा।
सात्त्विकी राजसी चैव तामसी चेति तां शृणु।।२।।

شري ڀڳوان اُوَاچ

”ترِ وڌاڀَوتي شِرڌا ديهنام سا سِوَڀاوَجا
ساتِوڪي، راجسي چَئيوَ تامَسي چيتي تام شِرڻوُ “(۲)

اڌياءَ ٻئين ۾ يوگيشور ٻڌايو تہ ارجن! هن يوگ ۾ نرڌارت ڪريا هڪ ئي آهي. اوويڪين جي ٻُڌي اننت شاخائن واري ٿيندي آهي تنهنڪري هو اننت ڪريائن جو وستار ڪري ٿا وٺن. ڏيکاءَ واري سٺي شوڀا يڪت واڻيءَ سان اُن کي ظاهر ٿا ڪن. اُنهن جي واڻيءَ جي ڇاپ جِن جي چت تي پوي ٿي، ارجن! اُنهن جي بہ ٻڌي نشٽ ٿي وڃي ٿي، نہ تہ ڪجهہ پائين ٿا. نيڪ انهن جي ڌراءِ واري وِرتي هتي بہ آهي ”شاسِترَ وِڌي مُتِسِرِجيہ“ شاستر وڌيءَ کي تياڳي يڄن ڪن ٿا، اُنهن جي شرڌا بہ ٽن پرڪارن جي ٿيندي آهي.

ان تي شري ڪرشڻ چيو، منش جي عادت مان اُتپن ٿيل اُها شرڌا ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي اهڙن ٽن پرڪارن جي ٿئي ٿي، اُن کي تون مونکان ٻُڌُ. منش جي هردي ۾ هيءَ شرڌا ڳتيل آهي.

सत्त्वानुरूपा सर्वस्य श्रद्धा भवति भारत।
श्रद्धामयोऽयं पुरुषो यो यच्छ्रद्धः स एव सः॥३॥

”ستِوانوُروپا سَروِسيہ شرڌا ڀَوَتي ڀارت
شرڌامَيويَمِ پُروشو يويَڇرِڌَس ايوَسَہ “ (٣)

هي ڀارت! سيني منشن جي شرڌا اَنهن جي چِت جي وِرتِيُن مطابق هوندي آهي. هيءُ پرش شرڌامَيَہ آهي. ان ڪري جو پرش جهڙي شرڌا وارو آهي، اُهو پاڻ بہ اُهوئي آهي. گهڻو ڪري ماڻهو پڇندا آهن. مان ڪير آهيان؟ ڪوئي چوندو آهي، مان تہ آتما آهيان. پر نہ، يوگيشور شري ڪرشن چون ٿا، جهڙي شرڌا، جهڙي وِرتي تهڙو پرش.

گيا يوگہ درشن آهي. مهرشي پتنجلي بہ يوگي هو. اُنجو يوگہ درشن آهي. يوگہ آهي ڇا؟ هنن ٻڌايو ”يوگشِچتوِرتي نروڌهہ“ (٢-١) چت جي وِرتيُنِ جو هر پاسي کان روڪجي وڃڻ يوگہ آهي. ڪنهن محنت ڪري روڪي ئي ڇڏيو تہ لاڀ ڇا ٿيو؟ ”تدادِرشٽُهہ سِوَ روپيوَسِٿانَمِ “ (٣-١) اُن وقت اهو درشٽا جيو آتما پنهنجي ئي شپ سِوَروپ ۾ استٿ ٿي وڃي ٿو. ڇا استٿ هئڻ سان پهرين هي مَلين هو؟ پتنجلي چون ٿا وِرتِسا روپ مِتَرَتِرَ“ (٤-١) ٻئي وقت ۾ جهڙو وِرتيءَ جو روپ آهي، اهڙو ئي هو درشٽا آهي. هتي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا هيءُ پرش شرڌاميہ آهي. شرڌا سان اوتِ پِروت. ڪٿي نہ ڪٿي شرڌا ضرور هوندي ۽ جهڙي شرڌا وارو آهي، اُهو پاڻ بہ اُهوئي آهي. جهڙي وِرتي تهڙو پُرُش. هاڻي تنهي شرڌائن جو وياجن وراهيون ٿا.

यजन्ते सात्त्विका देवान्यक्षरक्षांसि राजसाः।
प्रेतान्भूतगणांश्चान्ये यजन्ते तामसा जनाः॥४॥

”يَجَنِتي ساتوِڪا ديوانِيَڪشر ڪشرانِسي راجَساهَہ

پريتا نڀوُتَگَڻا نِشچا نِيي يَجنتي تامَسا جَناهـ '' (۴)

اُنهن مان ساتوڪ پرش ديوتائن کي پوڄين ٿا، راجس پرش يکش ۽ راڪشسن کي پوڄين ٿا وري ٻيا تامس پرش ڀوتن پريتن کي پوڄين ٿا. هو پوڄڻ ۾ اتڪ محنت به ڪن ٿا.

अशास्त्रविहितं घोरं तप्यन्ते ये तपो जनाः।
दम्भाहङ्कारसंयुक्ताः कामरागबलान्विताः।।५।।

''اَشاسِترَ وِهيتمِ گهورمِ تَپيَنتي يي تپو جناهـ
دَمڀاهنڪار سنَيڪتا ڪام راگٻَلا وِنتاهـ '' (۵)

اُهي منش شاستر وِڌيءَ کان رهت گهور ڪلپت ڪريائون رچي تَپ ڪن ٿا، پاکنڊ ۽ اهنڪار سان مليل ڪامنا ۽ آسڪتي جي ٻل سان ٻڌل هوندي.

कर्शयन्तः शरीरस्थं भूतग्राममचेतसः।
मां चैवान्तःशरीरस्थं तान्विद्ध्यासुरनिश्चयान्।।६।।

''ڪَرشَيَنتَهـ شَريرسِٿَمِ ڀوُتگرامَمَچيتَسَهـ
مامِ چَئيوانِتهشَرير، سِٿَمِ تانِوَڌياوسَرَنِشَچيان'' (٦)

هو شرير روپ ۾ اسٿت ڀوُت سموداين کي ۽ انتهڪرڻ ۾ اسٿت مون انترياميءَ کي به ڪِرِش ڪرڻ وارا آهن ارٿات ڌُرٻل ڪرڻ وارا آهن. آتما پرڪرتي کي ڌارن ۾ پڪڙي وڪارن سان درٻل ۽ يگيه سادنائن سان سَٻل ٿيندي آهي. اُنهن اگيانين (اچيتن) کي پڪ ئي تون اسُر جاڻ معنيٰ اُهي سڀ جا سڀ اسُر آهن. سوال پورو ٿيو.

شاستر وِڌيءَ کي تياڳي ڀڄن ڪرڻ وارا ساتوڪ پرش ديوتائن کي پوڄين ٿا، راجس پرش يکش راڪشسن کي ۽ تامس پُرُش ڀوتن پريتن کي پوڄين ٿا. فقط پوڄين ئي نٿا، گهور تپ ۾ تپن ٿا، پر ارجن! شرير روپ سان ڀوتن کي ۽ انترياميءَ روپ ۾

اسٿت مون پرماتما کي دربل ڪرڻ وارا آهن، مون کان دوري پيدا ڪن ٿا نہ ڪِ پوڄن ڪن ٿا. اُنهن کي اسُر جاڻ ارٿات ديوتائن کي پوڄڻ وارا بہ اَسُر ئي آهن. ان کان وڌيڪ ڪير چا چوندو؟ هاڻي جنهن جا هو سڀ انش ماتر آهن، اُن مول هڪ پرماتما جو پوڄن ڪن. ان تي پرم يوگيشور شري ڪرشڻ وري وري زور ڏنو آهي.

आहारस्त्वपि सर्वस्य त्रिविधो भवति प्रिय:।
यज्ञस्तपस्तथा दानं तेषां भेदमिमं शृणु।।७।।

”آهارَ سِتوُ پي سَروَسِيہ تِرِوِڌو ڀَوَتي پِرِيَہ
يَگيَسِتَپَستَٿا دانَم تيشامِ ڀيدَ مِمَم شِرڻُو ” (٧)

ارجن ! جيئن شرڌا ٽن پرڪارن جي ٿيندي آهي، تيئن ئي سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي پرڪرتي انوسار يوڄن بہ ٽن پرڪارن جو پِريہ ٿيندو آهي ۽ ائين ئي يگيہ، تپ ۽ دان بہ ٽن ٽن پرڪارن جا ٿيندا آهن. اُنهن جي ڀيد کي تون مون کان ٻڌ ڀهرين پرستُت آهي آهار.

आयु: सत्त्वबलारोग्यसुखप्रीतिविवर्धना:।
रस्या: स्निग्धा: स्थिरा हृद्या आहारा: सात्त्विकप्रिया:।।८।।

”آيوُهہ سَتوَ بلا روگيسُکپِريِتِوِوَرڌناهہ
رَسياهہ سِنَگڌاهہ سِترا هِرِديا آهاراهہ ساتوڪ پِرَياهہ ” (٨)

عمر، ٻڌي، ٻل، صحت، سکہ ۽ پريت کي وڌائڻ وارا، رسيلا، سٺيا ۽ استر رهڻ وارا ۽ سياءَ سان ئي هردي کي پريہ لڳڻ وارا کاڌي جا پدارٿ ساتوڪ پرش کي پيارا لڳن ٿا.

يوگيشور شري ڪرشڻ جي انوسار، سياءَ کان هرديہ کي پيارا لڳڻ، ٻل، صحت، ٻُڌي ۽ عمر وڌائڻ وارا يوڄن جا پدارٿ ئي ساتوڪ آهن. جيڪي کاڌي جا پدارٿ ساتوڪ آهن، اُهي ئي ساتوڪ منش کي پيارا آهن. ان مان صاف ظاهر ٿي ويو تہ

ڪاٻہ کاڌي جي وستو ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي نٿي ٿئي. اُن جو ڪم آڌڻ ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي ٿيندو آهي. نہ کير ساتوڪي آهي، نہ بصر راجسي ۽ نہ ٿوم تامسي.

جيستائين ٻُڌي، صحت ۽ هرديہ کي پريہ لڳڻ جو سوال آهي تہ وِشوَ ڀر ۾ منشن کي پنهنجي پنهنجي پرڪرتي، وايو منڊل ۽ حالتن مطابق جدا جدا کاڌي جون سامگريون پياريون لڳنديون آهن. بنگالي توڙي مدراسي کي چانور پيارا لڳندا آهن ۽ پنجابين کي روٽي.هڪ طرف عرب واسين کي دُمبا، چينين کي ڏيڏر، تہ ٻئي پاسي - ڌروَ جهڙي ٿڌي پرديش رهندڙن ۾ ماس بنا گذارو نہ آهي. روس ۽ منگوليا ۾ آديسواسي کاڌي ۾ گهوڙا استعمال ڪندا آهن، يورپ واسي ڳاںءِ ۽ سوئر ٻئي کائيندا آهن پوءِ بہ وديا، ٻڌِي وڪاس توڙي اُنتيءَ ۾ امريڪا ۽ يورپ واسين کي پهرئين نمبر ۾ ڳ ٽيو ويندو آهي گيتا جي انوسار رسيلا، سٽيا ۽ استر رهڻ وارا پوڃن جا پدارٿ ساتوڪي آهن. وڏي عمر، انوڪُل، ٻل -ٻُڌِي وڌائڻ وارا، صحت کي وڌائڻ وارا پدارٿ ساتوڪ آهن. سياوَ سان هردي کي پيارا لڳڻ وارا پوڃن جا پدارٿ ساتوڪ آهن. هاڻي ڪنهن بہ کاڌي جي پدارٿ کي گهٽائڻو - وڌائڻو نہ آهي. حالت، ملڪ توڙي ديش ڪال جي انوسار جا پوڃن جي وستو سياءَ سان پريہ لڳي ۽ جيون شڪتي بخشي، اُهاڻي ساتوڪ آهي. وستو، ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي نہ ٿيندي آهي، ان کي ڪم آڌڻ ساتوڪي، راجسي يا تامسي ٿئي ٿو.

انهيءَ انوڪولن جي لاءِ جو ويڪتي گهر-پروار تياڳي فقط ايشور آراڌن ۾ لپت آهن، سنياس آشرم ۾ آهن اُنهن جي لاءِ ماس-شراب ڇڏڻو آهي، چاڪاڻ تہ انيءَ سان ڏنو ويو آهي تہ اهي پدارٿ اڌياتمڪ راهہ جي. اُبتڙ من جا ياوَ اُتپن ڪن ٿا هاڻي

انهن سان ساڏن-پٽ پرشٽ ٽيڻ جي گهٽي سمپاونا آهي. جو ايڪانت ديش جو سيونَ ڪرڻ وارا ورڪت آهن، اُنهن جي لاءِ يوگيشور ڪرشڻ اڌياهه ڇهين ۾ کاڌي جي لاءِ هڪ نيم ڏنو تہ ”يڪتاهار وهارسيہ“ ان کي ڏيان ۾ رکي آچرڻ ڪرڻ گهرجي. جيڪو ڀڄن ۾ سهايڪ ٿئي اوترو ئي اُهو آهار گرهڻ ڪرڻ گهرجي.

कट्वम्ललवणात्युष्णतीक्ष्णरुक्षविदाहिन:।
आहारा राजसस्येष्टा दु:खशोकामयप्रदा:।।९।।

”ڪَٽوَ مِلَلَوَڻا تِيوُ شِڪَّتي کِشٽرو کِشَوداهِنهہ
آهارا راجَسِييشِٽا دکہ شوڪامَيَپرَداهَہ “ (٩)

ڪوڙا، کٽا، گهٽي لوڻ وارا، بيحد گرم، تکا، رُکا، باهہ پيدا ڪرڻ وارا آهار راجس پُرش کي پيارا لڳن ٿا.

यातयामं गतरसं पूति पर्युषितं च यत्।
उच्छिष्टमपि चामेध्यं भोजनं तामसप्रियम्।।१०।।

”ياتيامَمِ گَتَرَسَمِ پوُتي پَريوُشِتَمِ چہَ يَتِ
اُچِشِٽَمَپِي چاميڌِيَمِ يوجَنَمِ تامسپِرَيَمِ “ (١٠)

جيڪو ڀوڄن گهٽن دير اڳ جو ٺهيل آهي، ”گَتَرَسَمِ“ رس رهت، بدبوءِ وارو، بانسي، جوٺو ۽ اپوتر بہ آهي، اهو تامس پرش کي پيارو هوندو آهي. سوال پورو ٿيو-هاڻي پيش آهي ”يگيہ“

अफलाकाङ्क्षिभिर्यज्ञो विधिदृष्टो य इज्यते।
यष्टव्यमेवेति मन: समाधाय स सात्त्विक:।।११।।

”آڦلاڪانڪشيِبِرِ يَگيو وِڌِيدِرِشٽو يہَ اِجيتي
يَشِٽوِ يميويتِي مَنَهہ سَماڌايہَ سَ ساتِوڪَهہ “ (١١)

جو يگيہ ”وِڌِيدِرِشٽ“ شاستر وِڌيءَ جي نيمن انوسار ڪيو ويو آهي (جيئن پنيان اڌياءَ ٽئين ۾ يگيہ جو نالو کنيو، اڌياءَ چوٿين اڌياءَ ۾ يگيہ جو سروپ ٻڌايو تہ گهٽا ئي يوگي

پراڻ-اپان جي گتي روڪي پراڻن جي گتي اسٿر ڪري ڇڏين ٿا، سنيم اگنيءَ ۾ هَوَنُ ڪن ٿا. اهڙي طرح يگيه جا چوڏهن طريقا ٻڌايا جيڪي سڀ جا سڀ برهم تائين دوري طئه ڪرائي ڏيڻ واري هڪ ئي ڪِريا جون اوچيون-نيچيون اوستائون آهن. ٿوري ۾ چئجي تهيگيه چنتن جي پرڪريا جو چترڻ آهي، جنهنجو ڦل سناتن برهم ۾ پرويش آهي، جنهنجو وڌان هن شاستر ۾ ڪيو ويو آهي.)

اُنهي شاستر - وڌان تي وري زور ڏين ٿا ته ارجن ! شاستر وِڌي سان مقرر ٿيل، جنهن کي ڪرڻ ئي ڪرتويه آهي ۽ جو من جو نروڌ ڪرڻ وارو آهي، جي ڦل کي نه چاهڻ وارن پرشن دواران ڪيو ويندو آهي اُهو يگيه ساتوڪ آهي.

अभिसन्धाय तु फलं दम्भार्थमपि चैव यत्।
इज्यते भरतश्रेष्ठ तं यज्ञं विद्धि राजसम्।।१२।।

”آڀِيسَنِدايه توُ ڦَلَم دَمڀارٿَمَپي چَئيوَيَت
اِجيَتي ڀرت سريشٺ تَم يَگيَم وِدي راجَسَم (١٢)

هي ارجن! جو يگيه فقط پاکنڊي آچرڻ جي لاءِ ئي هجي يا ڦل کي اُديش ٻڌائي ڪيو وڃي ٿو، اُن کي راجس يگيه ڄاڻُ. هيءُ ڪرتا يگيه جي وِڌي ڄاڻي ٿو: پر پاکنڊ آچرڻ يا ڦل کي اُديش ٻڌائي ڪري ٿو، ته فلاڻي وستو ملندي ۽ ماڻهو ڏسندا ته يگيه ڪري ٿو، ساراهه ڪندا. اهڙو يگيه ڪرتا پڪ ئي راجسي آهي. هاڻي تامسي يگيه جو سروپ ٻڌائين ٿا.

विधिहीनमसृष्टान्नं मन्त्रहीनमदक्षिणम्।
श्रद्धाविरहितं यज्ञं तामसं परिचक्षते।।१३।।

”وِڌيهِينَمَسِر شٽا نَمَنتِرَ هينَم دَڪِشڻَم
شِرڌا وِرَهِتَم يگيَم تامَسَم پَريچَالَشتي “ (١٣)

جيڪو يگيه ساستر وِڌيءَ کان رهت آهي، جيڪو اَن

(پرماتما) جي سرشٽي ڪري سگهڻ ۾ اسمرٿ آهي، من جي انترال ۾ روڪڻ جي سمرٿيءَ ڪان رهت آهي، ڏکٽا منعي سڀ ڪجهہ سمپرڻ ڪان رهت آهي ۽ جو شرڌا رهت آهي، اهڙو يگيہ تامس يگيہ چيو ويندو آهي. اهڙو پرش حقيقي يگيہ کي جاڻي ئي نٿو-هاڻي پرَستُت آهي تپ-

देवद्विजगुरुप्राज्ञपूजनं शौचमार्जवम्।
ब्रह्मचर्यमहिंसा च शारीरं तप उच्यते।।१४।।

''ديوَ دَ وَجَگُرُ پراَگيَپوُ جَنَمِ شَئو چمارِ جَوَ مِ
بِرَهمَچرَيَمَهِنسا چہ شَريرَمِ تَپَ اُچيَتي '' (١٤)

پرم ديو پرماتما، بيائيءَ تي جئہ پراپت ڪرڻ وارا ڊِوج ستگرو ۽ گياني جَنَ جو پوڄن، پوترتا، سرلتا،برهمچريہ ۽ اهنساب شرير-سنبنڌي تپ چيو ويندو آهي. سرير سدائين واسنائن طرف ڀهڪندو آهي. اُنکي انتهڪرڻ جي مٿين ورتين جي پنيان تپائڻ شريرڪ تپ آهي.

अनुद्वेगकरं वाक्यं सत्यं प्रियहितं च यत्।
स्वाध्यायाभ्यसनं चैव वाङ्मयं तप उच्यते।।१५।।

''اَنُدويگَڪرَمِ واڪيَمِ سَتيَمِ پرِيَهِتَمِ چہ يَتِ
سِواڌِيايا پِيَسَنَمِ چَئيوَ واگمَيَمِ تَپَ اُچيَتي '' (١٥)

چنتا، مونجهہ نہ پيدا ڪرڻ وارا، پريَہ، ڀلائيءَ وارا ۽ ستيہ ڀاشڻ ۽ پرماتما ۾ پرويش ڏيارڻ وارن شاسترن جي چنتن جو ابياس، نام جپ، هي واڻي سنبنڌي تپ چيو ويندو آهي. واڻي وشين جي سکن جي ويچارن کي بہ ظاهر ڪندي رهي ٿي. اُنکي اُن طرف ڪان سميٽي پرم ستيہ پرماتما جي طرف لڳائڻ واَڻي سنبنڌي تپ آهي. هاڻي من سنبنڌي تپ کي ڏسون:

मनः प्रसादः सौम्यत्वं मौनमात्मविनिग्रहः।
भावसंशुद्धिरित्येतत्तपो मानसमुच्यते।।१६।।

”مَنَهه پرَسادَهه سَئُومِيَتُوَمِ مؤناتِمونيگرَهَهه
ياوَسَنِشُدِيرِ تِييتَتَپو مانَسَمُچِيَتي “ (١٦)

من جي پرسنتا شانت ڀاوَ مؤن معنيٰ اِشٽ کان سواءِ ٻين وشين جو سمرڻ بہ نہ هجي، من کي روڪڻ، انتهڪرڻ جي هر طرح پوترتا، هيءُ من، سنٻنڌي تپ چيو وڃي ٿو. مٿيان ٽيئي شرير، واڻي ۽ من جا تپ ملائي هڪ ساتوڪ تَپُ آهي.

श्रद्धया परया तप्तं तपस्तत्त्रिविधं नरिः।
अफलाकाङ्क्षिभिर्युक्यैः सात्त्विकं परिचक्षते।।१७।।

”شِرَدّيا پَرَيا تَپتَمِ تَپَستتترِوڌَمِ نَرهه
اَڦلا ڪانگڪِشِيير يُڪتئيهه ساتِوڪَمِ پَرِچِڪشِتِ “ (١٧)

ڦل کي نہ چاهيندي ارٿات نشڪام ڪرم ۾ مشغول پرشن دوارا پرم شرڌا سان ڪيل مٿي چيل ٽيئي تپ کي ملائي ساتوڪ تَپُ چون ٿا- هاڻي پرَستُتِ آهي راجس تپ -

सत्कारमानपूजार्थं तपो दम्भेन चैव यत्।
क्रियते तदिह प्रोक्तं राजसं चलमध्रुवम्।।१८।।

”سَتِڪارَمانَپوُجارِ ٿَمِ تَپو دَمِيينَ چَئيوَيَتِ
ڪِريتي تَدِهه پرَڪتو ۾ راجَسَمِ چَلَمَڌِرووَمِ “ (١٨)

جيڪو تپ ستڪار، مانَ ۽ پوڄا جي لاءِ يا صرف پاکنڊ سان ئي ڪيو وڃي ٿو، اُهو انشچت ۽ چنچل ڦل وارو تَپُ چيو ويو آهي.

मूढग्राहेणात्मनो यत्पीडया क्रियते तपः।
परस्योत्सादनार्थं वा तत्तामसमुदाहृतम्।।१९।।

”موُڙهَگرا هيڻاتِمنو يَتپيڊيا ڪِريَتي تَپَهه
پَرَسيو تِسا دَنارِ ٿَمِ واتتا مَسَمُدا هِرِتَمِ “ (١٩)

جو تَپُ مورکتا سان ڀريل هٺ سان من،واڻي ۽ سرير جي پيڙا سَهت يا ٻئي کي نقصان ڪرڻ جي لاءِ بدلي جي ڀاونا سان ڪيو وڃي ٿو، اُهو تَپُ تامس چيو ويو آهي.

ان طرح ساتوڪ تَپُ ۾ شرير، من ۽ واڻيءَ کي اِشٽ ماتر جي هڪ جهڙائيءَ ۾، ڪرڻو آهي راجس تَپَ جي ڪِريا اُها ئي آهي، پر پاکنڊ، مان سنمانَ جي اڇا سان تَپَنِ ٿا. گهڻو ڪري مهاتما لوڪ گهر ٻار ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ ان وڪار جو شڪار ٿي وحن ٿا ۽ ٿيون تامس تَپُ بنا وڏيءَ ٿيندو آهي، ٻئي کي پيڙا پهچائڻ جي خيال سان ٿيندو آهي. هاڻي پيش آهي دان

दातव्यमिति यद्दानं दीयतेऽनुपकारिणे।
देशे काले च पात्रे च तद्दानं सात्त्विकं स्मृतम्।।२०।।

”داتَوِ يَمِتِي يَدانَمِ دِييَتي نُپَڪارِڻي
ديسشي ڪالي چہ پاتِري چہ تَدانَمِ ساتِوڪَمِ سِمرِتَمِ “ (٢٠)

دان ڏيڻ ئي ڪرتويہ آهي، فرض آهي- اِن ڀاوَ سان جو دان ديش (استان)، ڪال(سميہ انوسار) ۽ سِتيہ پاتر کي پراپت ٿيڻ تي بدلي ۾ اُپڪار جي ڀاونا کان رهت ٿي ڏنو وڃي ٿو، هيءُ دان ساتوڪ چيو ويو آهي.

यत्तु प्रत्युपकारार्थं फलमुद्दिश्य वा पुनः।
दीयते च परिक्लिष्टं तद्दानं राजसं स्मृतम्।।२१।।

”يَتوُ پِرَتيوَ پڪارارِتَمِ ڦَلَمُڌِيشِيَہ واپُنَهہ
ديِيِتي چَہ پَرِيڪلِشٽَمِ تَدانَمِ راجَسَمِسِمرِتَمِ“ (٢١)

جيڪو دان ڪليش پوروڪ (جو ڏيڻ نہ چاهيندي بہ ڏيڻو پوي) ۽ اُن تي اُپڪار ڪرڻ جي ڀاونا سان تہ هيءُ ڪندس تہ هيءَ ملندو يا ڦل کي اُديش بڻائي پوءِ ڏنو وڃي ٿو، هي دان راجس چيو ويو آهي.

अदेशकाले यद्दानमपात्रेभ्यश्च दीयते।
असत्कृतमवज्ञातं तत्तामसमुदाहृतम्।।२२।।

”اَديشي ڪالي يَدانَمپاتِرِيڀِيَشِچہ ديِيتي
اَسَتِڪرِ تَمَوَگياتَمِ تَتامَسَمُداهِرتَمِ “ (٢٢)

جو دان بنا ستڪار ڪرڻ يا بي عزتي پوروڪ جهڳڙو ڪري نہ ڏيڻ جهڙي ديش ڪال ۾ جيڪي اڌڪاري نہ آهن اُنهن کي ڏنو وڃي ٿو، اُهو دان تامس چيو ويو آهي. ”پوجيہ مهاراج جي“ چوندا هئا. هو! ڪُپاتر کي دان ڏيڻ سان داتانشت ٿي وڃي ٿو“ نيڪ اهڙي طرح شري ڪرشڻ جو چوڻ آهي تہ دان ڏيڻ ئي فرض آهي. ديش، ڪال ۽ پاتر پراپت هئڻ تي، بدلي ۾ اُپڪار نہ چاهڻ جي ڀاونا سان اُدارتا سان ڏيڻ وارو دان ساتوڪ آهي. ڪننائيءَ سان ڪيڻ وارو، بدلي ۾ ڦل جي ڀاونا سان ڏيڻ وارو دان راجس آهي. ۽ بنا ستڪار جي دٻائي جهڻڪيون ڏيئي اڻ وٽندڙ ديش ڪال ۾ ڪپاتر کي ڏنل دان تامس آهي، پر آهي دان ئي؛ پر جيڪو ديهہ گيهہ وغيره تياڳي سيني جي ممتا کي تياڳي، مان، منهنجي کي تياڳي هڪ اِشٽ تي آسرو رکي ٿو، هنجي دان جو وڌان، طريقو وڏيڪ فائدي وارو آهي ۽ اُهو سڀ ڪجهہ سمرپڻ، سيني واسنائن کان هٽي من جو سمرپڻ، جيئن شري ڪرشن چيو آهي، مَيبيوَ مَن آڌتِسوَا هاڻي دان سدائين ضروري آهي. هاڻي ورٽن آهي اوم، تَتِ ۽ سَتِ جو سوروپ

ॐ तत्सदिति निर्देशो ब्रह्मणस्त्रिविधः स्मृतः।
ब्राह्मणास्तेन वेदाश्च यज्ञाश्च विहिता पुरा।।२३।।

”اوم تَتسَدِ تي نِرديشو بِرَهمَڻِسترِوِڌَهہ سِمرِتهہ ا
بِرَهمَڻاسِتينَ ويداشِچہ يَگياشِچہ وِهتاهہ پُرا “۱۱ (۲۳)

ارجن! اوم تَتِ سَتِ - اهڙو ٽن پرڪارن جو نام ”بِرَهمَڻِسترِوِڌَهہ سِمرِتهہ “ برهم جو حڪم ڏئي ٿو، ياد ڏياري ٿو، اشارو ڪري ٿو ۽ برهم جو پريچايڪ آهي، واقفيت آهي. ان سان ”پُرا“ اڳ ۾ (شروعات ۾) براهمڻ ويد ۽ يگيہ آدي

رچيا ويا آهن. ارٿات برهمڻ، يگيه ۽ ويد مان پيدا ٿين ٿا. يوگي جن آهن اوم جي لڳاتار چنتن سان ئي اِنهن جي اُتپتي آهي ۽ ٻيو ڪو طريقو ڪونهي.

तस्मादोमित्यदाहृत्य यज्ञदानतप:क्रिया:।
प्रवर्तन्ते विधानोक्ता: सततं ब्रह्मवादिनाम्।।२४।।

''تَسِمادومِتيوُداهَتيَہ يَگيَدانَتَپهہ ڪرياها
پِرَوَرِتَنِتي وِڌانوڪِتاهہ سَتَتَمِ برهموادِنام '' (٢۴)

تنهنڪري برهم جو ڪٿن ڪرڻ وارن پرشن جي شاستر وِڌي سان مقرر ڪيل يگيہ، دان ۽ تَپ ڪريائون نرنتر (هميشهہ) ''اوم'' ان نام جو اُچارڻ ڪري ئي ڪئي ويندي آهي. جنهن سان اُن برهم جو سمرڻ ٿي وڃي. هاڻي تَتِ شبد جو پرِيوگہ ٻڌائين ٿا:-

तदित्यनभिसन्धाय फलं यज्ञतप:क्रिया:।
दानक्रियाश्च विविधा: क्रियन्ते मोक्षकाङ्क्षिभि:।।२५।।

''تَدِتيَنَڀِيسَنِڌايَہ ڦَلَمِ يَگيَہ تَپَهہ ڪِرياهہ
دان ڪِرياشِچہ ووِڌاهہ ڪِريَنِتي موڪشڪاڱڪِشِڀِهہ'' (٢۵)

تَتِ معنيٰ اُهو (پرماتما ئي هرهنڌ آهي، ان ڀاوَ سان ڦل کي نہ چاهي شاستر دواران ٻڌايل گهڻن پرڪارن جا يگيہ تپ ۽ دان جون ڪريائون پرم ڪلياڻ جي اِڇا وارن پرشن دواران ڪيون وڃن ٿيون. تَتِ پرماتما لاءِ سمرپڻ سوچڪ آهي. ارٿات جَپُ تہ اوم جو ڪجي، يگيہ دان ۽ تپ جون ڪِريائون اُن تي آڌارت ٿي ڪجن، هاڻي سَتِ جي پريوگہ جو، ڪم آڻڻ جو استڻ ٻڌائين ٿا:

''سَدِڀاوي ساڌوڀاوي چَہ سَدِتيِيتَنِپرَيُجيَتي
پرَشَسِتي ڪَرمَڻي تٿاسَچِبدَ پارِٿ يُجيَتي '' (٢٦)

सद्भावे साधुभावे च सदित्येतत्प्रयुज्यते।
प्रशस्ते कर्मणि तथा सच्छब्दः पार्थ युज्यते।।२६।।

۽ سَتِ يوگيشور ٻڌايو تہ سَتِ آهي ڇا؟ گيتا جي شروعات ۾ ارجن سوال ڪڙو ڪيو هو تہ ڪُل ڌرم ئي شاشوت آهي، پوتر آهي، سَتيَہ آهي، تہ شري ڪرشن چيو ارجن! توکي هيءُ اگيان ڪٿان پيدا ٿيو؟ تَتِ وستوءَ جو ٽنهي ڪالن ۾ ڪڏهن بہ اڀاوُ نٿو ٿئي ان کي مٽائي نٿو سگهجي ۽ اَسَتِ وستوءَ جو ٽنهي ڪالن ۾ وجود ڪونهي، هستي نہ آهي. ان کي روڪي نٿو سگهجي. حقيقت ۾ هيءَ ڪهڙي وستوُ آهي، جنهنجو ٽنهي ڪالن ۾ اڀاوَ نہ آهي؟ ۽ هيءَ است وستوُ آهي ڇا؟ جنهنجي هستي ڪونهي؟ تہ ٻڌايو هيءَ آتما ئي سَتيَہ آهي ۽ پوتن وغيره سان سڀ شرير ناسونت آهن. آتما سناتن آهي، اويڪت آهي، پوتر آهي ۽ امرت سوروپ آهي. اهوئي پرم سَتيَہ آهي. هتي چون ٿا، سَتِ اهڙي پرماتما جو اهو نام ''سدِڀاوي'' سَتيَہ جي لاءِ ڀاوَ ۾ ۽ ساڌو ڀاوَ ۾ ڪم آڻبو آهي ۽ هي پارٿ! جڏهن مقرر ڪرم سنگہ ڪان سواءِ چڱي طرح ٿيڻ لڳن، تڏهن سَتِ شبد ڪم آندو ويندو آهي. سَتِ جي معنيٰ اها ڪانهي تہ هي شيون اسانجون آهن. جڏهن شرير ئي اسانجو ناهي، تہ هنجي ڪم ۾ اچڻ واريون شيون اسانجون ڪڏهن آهن. اهو سَتِ نہ آهي. سَتِ جو پريوگہ صاف هڪ ڏِشا ۾ ڪيو ويندو آهي، سدڀاوَ ۾. آتما ئي پرم ستيہ آهي. هن سَتيَہ جي لاءِ ڀاوُ هجي، اُن کي ساڌڻ لاءِ ساڌو ڀاوُ هجي ۽ اُنجي پراپتي ڪرائڻ وارو ڪرم ۾ پرٻيڻ ڏنگہ سان ٿيڻ لڳي، اُتي سَتِ شبد ڪم آندو ويندو آهي. ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ اڳيان چون ٿا:

यज्ञे तपसि दाने च स्थितिः सदिति चोच्यते।
कर्म चैव तदर्थीयं सदित्येवाभिधीयते।।२७।।

”يَگيي تَپَس چَہ سٿتيهِہ سَدِتِ چوچِيَتي
ڪَرمَ چَئيوَ تَدَرِ ٿيِيَمِ سَدِتِييوا پِڌِيِيَتي“ (٢٧)

يَگيہ، تَپ ۽ دان ڪرڻ ۾ جا استٿتي ملي ٿي، اُها بہ سَتِ آهي. ائين چيو ويو آهي، ”تَدرِ ٿيِيَمِ“ اُن پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪرم ئي سَتِ آهي ائين چيو ويو آهي. ارٿات اُن پرماتما جي پراپتي وارو ڪرم ئي سَتِ آهي. يگيہ، دان، تَپُ تہ ان ڪرم جا پورڪ آهن. انت ۾ نرنيہ ڏيندي چون ٿا تہ ان سڀ لاءِ شرڌا ضروري آهي.

अश्रद्धया हुतं दत्तं तपस्तप्तं कृतं च यत्।
असदित्युच्यते पार्थ न च तत्प्रेत्य नो इह।।२८।।

”اَشِرَڌَيا هُتَمِ دَتَمِ تَپَستَپِتَمِ ڪِرِتَمِ چَہ يَتِ
اَسَ دِتِيُچِيتي پارِٿَ نہ چَہ تَتِپريتِيَہ نو اِهَہ “ (٢٨)

هي پارٿ! بنا شرڌا جي ڪيل هَوَنُ، ڏنل دان، تپايل تَپُ ۽ ٻيو جيڪو بہ ڪيل ڪرم آهي، اُهو سڀ اَسَتِ آهي. ائين چيو ويو آهي، اُهو نہ تہ هن لوڪ ۾ ۽ نہ پرلوڪ ۾ ئي لاڀدائڪ آهي. هاڻي سمرپڻ سان گڏ شرڌا تمام ضروري آهي.

تاتپرج :

اڌياءَ جي شروعات ۾ ارجن سوال ڪيو تہ يگون! جو شاستر وِڌيءَ کي تياڳي ۽ شرڌا سان پورڻ ٿي يگيہ ڪن ٿا (لوڳ، ڀوت، ڀواني ۽ ٻين کي پوڄيندا رهن ٿا) تہ اُنهن جي شرڌا ڪيئن آهي؟ ڪهڙي آهي؟ ساتوڪي آهي، راجسي آهي يا تامسي؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ چيو، ارجن! هيءَ پرش شرڌا جو پتلو آهي، سوروپ آهي، ڪٿي نہ ڪٿي اُنهن جي شرڌا هوندي ئي. جهڙي شرڌا تهڙو پرش. اُنهن جي اُها شرڌا ساتوڪي، راجسي ۽ تامسي ٽن پرڪارن جي ٿئي ٿي. ساتوڪي شرڌا وارن ديوتائن کي، راجسي شرڌا وارا

يکش جي جَسُ ۽ ويرتا پردان ڪري، راڪشس (جيڪي بچاءُ ڏيئي سگهن) جو پيڇو ڪندا آهن ۽ تامسي شرڌا وارا ڀوتن پريتن کي پوڄين ٿا. شاسترِ وڌيءَ کان رهت انهن پوڄائن دواران هي ٽنهي پرڪارن جي شرڌالو شرير ۾ استٿ ڀوت سموداءِ ارٿات پنهنجي سنڪلپن ۽ هردي ديش ۾ استٿ مون انترياميءَ کي بہ نظرانداز ڪن ٿا، نہ پوڄين ٿا. اُنهن سيني کي نشچيہ ئي تون اَسُر ڄاڻ ارٿات ڀوت، پِريَت، يکش، راڪشس ۽ ديوتائن کي پوڄڻ وارا اَسُر آهن.

ديوتا پرسنگہ کي شري ڪرشڻ ٽيون ڀيرو اُٿاريو آهي. پهرئين اڌياءَ ستين ۾ هنن چيو هو تہ ارجن! ڪامنائن جن جي گيان کي چورايو آهي، اُهي مند ٻڌي ٻين ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا. ٻيو ڀيرو اڌياءَ نائين ۾ اُنهي سوال کي دهرائيندي چيو: جيڪي ٻين ٻين ديوتائن جي پوڄا ڪن ٿا؛ پر اُنهن کي جو اهو پوڄن اَوِڌي پوروڪ ارٿات شاستر ۾ ڏنل وِڌيءَ کان الڳ آهي، هاڻي پوءِ هو نشٽ ٿي وڃن ٿا. هتي اڌياءَ سترهين ۾ اُنهن آسُري سڀاءَ وارا ڪوٺيو آهي. شري ڪرشڻ جي شبدن ۾ هڪ پرماتما جي ئي پوڄا جو وِڌان آهي.

تنهن کان پوءِ يوگيشور شري ڪرشڻ چار سوال ڪنيا آهار (کاڌو) يڳہ، تَپُ ۽ دانُ. آهار ٽن نمونن جو آهي، ساتوڪي پرش کي صحت وڌائڻ وارو سڀاويڪ پيارو لڳي ٿو. سادا آهار پيارا لڳندا آهن. راجس پرش کي ڪوڙا، تکا، گرم، چٽپٽا، مصالحيدار، بيماريون وَڌائيندڙ کاڌا پيارا لڳن ٿا. تامس پرش کي جوٺا، ٻانسي، پاروٿا ۽ اپوتر کاڌا پيارا لڳن ٿا.

شاستر وِڌيءَ سان نردشٽ (جيڪي آراڌنا جون اَندريون ڪِريائون آهن) جيڪي من کي روڪين ٽيون ڦل جي اڇا کان رهت اُهو يڳيہ ساتوڪ آهي.

پاکنڊ جو پردرشن ۽ ڦل جي لاءِ ڪرم وارو يگيہ راجس آهي. ۽ شاستر وڌيءَ ڪان رهت، منتر دان ۽ بنا شرڌا سان ڪيل يگيہ تامسي آهي.

پرم ديو پرماتما ۾ پرويش ڏيارڻ واري سڀ يوگيتائون جنهن ۾ آهن، اُن پهتل گياني سنگروءَ جي ارچنا، سيوا ۽ انتهڪرڻ سان اهنسا، برهمچريہ، پوترتا ڏانهن مائل شرير کي تپائڻ شرير جو تَپُ آهي. سَتيَہ، پريہ ۽ پلائيءَ لاءِ وِاڻي بولڻ اهو واَڻيءَ جو تپ آهي ۽ من کي ڪرم ۾ پرورت ڪرڻ من سنبنڌي تَپُ آهي. من، واڻي ۽ شرير ٽنهي ملائي هِن طرف تپائڻ ساتوڪ تَپُ آهي. راجس تَپ ۾ ڪامنائن سان گڏ اُن کي ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪِ تامس تَپُ شاستر وِڌيءَ ڪان رهت سِويڇاچار آهي.

ڪرتويہ مڃي ديش، ڪال ۽ پاتر جو ويچار ڪري شرڌا پوروڪ ڏنل دان ساتوڪ آهي. ڪنهن فائدي جي لوڀ ۾ ڏکيائيءَ سان ڏيڻ وارو دان راجس آهي ۽ جهڻڪين سان ڪُپاتر کي ڏيڻ وارو دان تامس آهي. اوم، تَتِ سَتِ جو سوروپ ٻڌائيندي يوگيشور شري ڪرشڻ چيو تہ هي نالا پرماتما جي يادگيري ڏيارين ٿا. شاستر وِڌيءَ سان نرڌارت تپ، دان ۽ يگيہ آرنڀ ڪرڻ ۾ اوم جو پريوگہ ٿيندو آهي ۽ پورتيءَ ۾ ئي اوم پنڌ ڇڏي ٿو. تَتِ جو ارٿ آهي پرماتما، ان لاءِ سمرپت ٿيڻ سان ئي اهو ڪرم ٿئي ٿو ۽ ڪرم جڏهن لڳاتار ٿيڻ لڳي، تڏهن سَتِ جو پريوگہ ٿئي ٿو. پڇن ئي سَتِ آهي. سَتِ جي لاءِ پاوُ ۽ ساڌو پاوَ ۾ ئي سَتِ جو پريوگہ ڪيو ويندو آهي. پرماتما جي پراپتي ڪرائڻ وارا ڪرم يگيہ دان ۽ تَپ جي ڦل ۾ ئي سَتِ جو پريوگہ آهي ۽ پرماتما ۾ پرويش ڏيارڻ وارو ڪرم نشچي پوروڪ سَتِ آهي؛ پر انهن سان گڏ شرڌا ضروري آهي. شرڌا ڪان رهت ٿي ڪيل ڪرم، ڏنل دان، تپايل تَپُ نہ هن جنم ۾ لايدائڪ آهي، نہ اڳيان ٻين

جنمن ۾ ئي تنهنڪري شرڌا تمام ضروري آهي.

سمپورڻ اڌياءَ ۾ شرڌا تي پرڪاش وڌو ويو ۽ انت ۾ اوئم، تَتِ ۽ ستِ جي پوتر وياکيا بيان ڪئي ويئي، جيڪا گيتا جي شلوڪن ۾ ڦريون ڦيرو آئي آهي.

اوم تَتِ سَدِت شريمد ڀڳود گيتا سوُ پَنِشَتِسوُ برهم وِدِيايامِ يوگيشورَ شري ڪرشڻارِجن سَمِوادي ”اوم تَتِ سَتِ شرڌا تِرِيوَ ياڳ يوگہ“ نام سَپِتَدشو ڌيايھ ١١٧١١١

ان طرح شريمد ڀڳوت گيتا روپي اُپنشد ايوَم برهم وديا ۽ يوگہ شاستر وشيہ شري ڪرشڻ ارجن جي سنواد ۾ ”اوم تَتِ سَتِ شرڌا تِرِيہ وياڳہ يوگہ“ نالي سترهون اڌياءَ پورو ٿئي ٿو.

اِتي شريمتپَرَم هنس پرمانندسيہ شِشِيہَ سوامي اڙگڙانند ڪرتي شريمد ڀڳوتگيتايہ ”يٿارت گيتا ڀاشيي“ اَوم تَتِ سَتِ شرڌا تِرِيوياگيدگو نامسَپِتَدشوڌياَھ ١١٧١١١

١١ هري اوم تَتِ سَتِ ١١